# پارن لاء بائبل
## تحفو

يسوع
عظيم
أُستاد



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Byron Unger; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: E. Frischbutter; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



يسوع هڪ عظيم
استاد هو - . ازلي استاد. ميڙ
ڪيس ٻڌڻ لڳو. يسوع انهن کي رحم ڪندڙ، نيڪ
۽ مهربان ٿيڻ جو چيو. ٻيا شايد انهن کان نفرت
ڪن ۽ انهن کي نقصان پهچائڻ، پر خُدا
انهن جي پرواهه ،سنڀال ڪندو.



يسوع ڪيتريون ئي
ڳالهيون سيکاريون. هن
چيو ته خُدا جا ماڻهو دنيا
کي روشن ڪندا آهن
جيئن هڪ شمع گهر کي
روشن ڪري ٿي.
اونداهي ڪمري ۾ شمع
ڪهڙو فرق آڻي ٿي!

جن ماڻهن سان يسوع ڳالهايو هو، اهي بدلي ۾ يقين رکندا هئا، "اک جي بدلي اک، ڏند جي بدلي ڏند." پر يسوع رحم، بخشش ۽ پيار سيکاريو، ايتروقدر جو دشمنن ڏانهن به.



يسوع جي ڏينهن ۾، ڪجهه ماڻهو
تمام گهڻو پاڪ هجڻ جو مظاهرو ڪندا
هياءِ. جڏهن اُهي فقيرن کي پئسا ڏندا هياءِ ته
هڪ ماڻهو نرسنگو وڄائيندو هو ته هر ڪو
ڏسي. "توهان جيڪا به ڏيو ته ڳجهي ۾،
۽ خُدا توهان کي اجر ڏيندو،"
يسوع چيو.



يسوع ساڳيوئي دعا بابت سيکاريو. ڪجهه ماڻهن مصروف
گلي جي ڪنڊن تي دعا ڪندا هياءَ ته جيئن هرڪو انهن کي
ڏسي ۽ ٻڌي سگهي. انهن کي خُدا جي پرواهه نه هئي.
انهن جي پرواهه هئي هُي ته ٻيا انهن بابت
ڇا سوچيندا آهن. يسوع انهن کي منافق
سڏيو - ڪوڙو اداڪارسڏايوئين.



يسوع اڪثر فطرت کي پنهنجي تعليم جي وضاحت ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. مثال طور، هن پکين ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "توهان جو آسماني پيءُ کين کارائيندو آهي،" هن چيو. "فڪر نه ڪر، الله توکي به کارائيندو."



"جيتوڻيڪ امير بادشاهه سليمان به ايڏوخوش لباس هويوجهڙي
طرحي گل هئا." يسوع گاله کي جاري رکيندي چيو. "جيڪڏهن
خُدا ميدان جي گاھ کي ڪپڙا ڏيندو آهي، ته هو توهان کي به
ڪپڙا نه ڏيندو؟" يسوع ماڻهن کي سيکاري رهيو هو ته خُدا تي
پروسو ڪن جيڪو اسان جي سڀني ضرورتن جي لاءَ فراهم ڪري ٿو.



"جيڪڏهن تون پنهنجي
ڀاءُ جو انصاف ڪندين،
ته اهو ائين آهي جيئن
هن جي اک مان ڪٿر
جي ڪڍڻ جي ڪوشش
ڪرين، جڏهن ته
تنهنجي پنهنجي اک ۾
ڪاٺ جو وڏو شهتير
هجي،" يسوع چيو.
ماڻهو کلندا هئا. پر انهن
کي سندس مطلب جي
باري ۾ سوچڻو هو.





يسوع چيو ته ماڻهن
کي خُدا کان مدد گهرڻ
گهرجي. چا ڏرتيءَ جا
پيءُ جڏهن بکايل پار
ماني گهرندا آهن ته
پٿر ڏيندا آهن؟ نه! اهي
سٺيون شيون ڏيندا
آهن. خُدا به طلب
ڪرڻ وارن کي
سٺيون شيون ڏئي ٿو.

يسوع، عظيم استاد، غلط استادن بابت خبردار
ڪيو. "اُهي رڍن جي ويس ۾ آهن،" يسوع
چيو. "پر اندر، اهي بگهڙ آهن!" هن چيو ته
ڪوڙا استاد انهن جي زندگين مان سڃاتا
ويندا. جيئن اهي رهن ٿا.



هڪ ڪهاڻي ۾ هن ٻڌايو، يسوع اهو ظاهر ڪيو ته جيڪي ماڻهو خُدا جي ڪلام جي فرمانبرداري ڪن ٿا،اُنهي ماڻهو وانگر آهن، جيڪو پنهنجو گهر ٺڪرتي اڏايو. هڪ خوفناڪ طوفان اٿيو.



جڏهن اها ختم ٿيو، گهر مضبوط بيٺو هويو.

پر هڪ بيوقوف ماڻهوءَ پنهنجو گھرواريءَ تي اڏايو. جڏهن ان تي طوفان آيو ته ان جي ڪمزور بنياد جي ڪري ڊٺي پيو. يسوع چيو ته جيڪي ماڻهو خُدا جي ڪلام جي فرمانبرداري نٿا ڪن، اهي ان انسان وانگر آهن.



ميڙ يسوع جي لفظن تي حيران ٿي ويو. هنن اهڙيون ڳالهيون اڳ ڪڏهن به نه ٻڌيون هيون. هاڻي انهن کي خبر هئي ته خُدا جي ڪلام کي ٻڌڻ ڪافي نه آهي. انهن کي هر روز ان جي فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي.



# يسوع عظيم اُستاد

## خُدا کان هڪ ڪهاڻيي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

متي ۵ ـ ۷، لوقا ۶

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏوڏئي."
زبور 119: 130




42

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائئ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۡ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۡ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.